# سنڌي پئنچايت ايلسبرج، احمدآباد.

## پرمک جا ٻہ اکر :

پريہ مترو، نمسڪار،

ڏياريءَ ۽ نئين سال جون سيني کي واڌايون.

(1) نئون سال سيني لاءِ خوشيءَ جو ٿئي. برڪت پوي ۽ مَنُ شانت رهي، اِها شُڀ ڀاونا. هن سال گرونانڪ ديوجن جو جنم نومبر 28 ٻڌر ڏينهن آهي. 26 نومبر سومر ڏينهن صبح جو اَکنڊ پاٺ صاحب آرنڀ ٿيندو. صبح جو آساديوار دادي نرملا ايسراڻي ۽ ڪملا ڇابڙيا طرفان ٿيندو. رات جو بہ ڪيرتن ڪٿا جو بندوبست ڪيل آهي. منگل ڏينهن صبح جو گردواري گوبندڌامجون ڀينرون ۽ رات جو شري ڪالوپائي ڀڄن ڪيرتن ڪندا. ماڻڪ باغ هال ۾ موج اَچي مچائيندا. ٻڌر ڏينهن سکمني پاٺ، ڪيرتن، ست نارائڻ ڪٿا، يوڳ صاحب جو پروگرام مقرر ڪيل آهي.

شيوا بہ ڪيو، پرساد ونو ورهايو. لنگر کائو، کارايو. پرساد جو نقصان نہ ٿئي اُن جو خاص ڌيان رکو.

(2) اَسانجي پئنچايت سُٺي نموني هلي رهي آهي. مئريج بيوُرو جي سچي شيوا سنچالڪ شري اشوڪ ٻالاڻي ۽ ٽولي هر آرتوار تي حاضري ڏئي بهترين نموني ڪري رهيا آهن. ڊاڪٽر اَرجن آسوادڻي سڪولن جي پروگرام ۾ ايڊيوڪيشن ڪميٽيءَ جي ميمبرن سميت ڪم ڪري رهيو آهي. اِنعام هوشيارن کي، اِسڪالرشپ ضرورت وارن کي ڏئي اِنجنيئر ڊاڪٽر وغيره ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. ڏيڻ وارن کي جَسُ. باسڻ-فراسن، ڪُرسين جي شيوا بہ رکيل آهي.

ڀائي چارو، خوسي يا غم. بيماري هجي يا ڪوبہ سَڏُ ٿئي تہ سيني کي گڏ ڪري پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش قائم رکيل آهي اِهو ئي اَسانجي پئنچات جو خاص مقصد آهي. هن سال کان Website شروع ڪئي ويئي آهي. جنهن لاءِ شري سريش شهدادپوري، هيرالعل بولچنداڻي ۽ ڪمليش گوپالاڻيءَ جو گهڻو سهڪار مليو آهي.

(3) سووينر ڪاميٽيءَ جي چيئرمن شري لڪميچند لالواڻي، شري اجيت ڪورواڻي، شري هيرالعل بولچنداڻيءَ گهڻي محنت ڪري ائڊورٽائيزمينٽ گڏ ڪري ڏني آهي. شري موهن گوئاڻيءَ سڄي سووينر جو مصعودو تيار ڪري سُندر روپ ڏيئي پريس ۾ ڇپائڻ لاءِ بيحد ڪوشش ڪئي آهي. جن پيسا ڏئي ائڊورٽائيز ڪرائي آهي، اُنهن جي وڏي مهرباني. هيءُ سووينر پئنچايت جي خرچن جي سموري ڪوٽ پوُري ڪري ٿو.

سڄو ئي سال ستا پروگرام رکجن ٿا ۽ هر دفعي لنگر پرساد جو بندوبست به ڪيو ويندو آهي. سڀني ميمبرن کي وينتي آهي ته وڏي تعداد ۾ حاضر رهي پئنچايت جي شوڀا وڌائين.

هن سال ويري سينيئر سٽيزن، سينئرسٽيزن ۽ سندن سپائوس جو جنرل بادي ميٽنگ ۾ سنمان ڪيو ويو.

ايندڙ سال کان شري ڪرشن جنم ۽ ڀڳت ڪنوررام جي ورسي ملهائڻ جو ويچار ڪيو ويو آهي.

سيڪريٽري شري ارجن وڇاڻي، جنرل سيڪريٽري شري ساڌورام چنچلاڻيخزانچي هيرالعل بولچنداڻي، ڪو آرڊينيٽر موهن گوئاڻي، گرباڻي جئهپرڪاش منگواڻي سُٺو ڪم ڪري رهيا آهن. شيوائون ٿوري خرچ ڪرڻ سان سنڀالي رهيا آهن. ڪنهن مهل به سڏ ٿئي ته اَچي باسڻ ۽ فراس ڏين. عقل ۽ ايمانداريءَ جي بخشيش اَٿن. اَڳتي به ڪم ڪار ڪندا اَچن اِها شُڀ ڀاونا.

هن سال منهنجي غيرحاضريءَ ۾ شري هريداس چنداڻي انچارج پريزيڊنٽ طريقي تمام سهڻي نموني پئنچايت جو ڪاروبار سنڀاليو آهي ان لاءِ مان سندن تهدل شڪرگذار آهيان.

ڀائيچاري وڌائڻ لاءِ سڀني ميمبرن کي نماڻي اَپيل ٿي ڪجي ته پئنچايت جي ايريا ۾ رهندڙ پنهنجن مٽن مائٽن، دوستن ۽ پاڙي وارن کي ميمبر ٿيڻ لاءِ همٿائين.

سڀني تي گروبابي سائينءَ جي مهر ٿيندي ۽ رهندي.

”سڀ ڪا مالڪ ايڪ“

احمدآباد :
تاريخ : 28-11-2012

واشديو آر. گوپالاڻي
(پرمک)